ذوالقعدہ1444ھ/جون2023ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

# الله پاڪ جا پيارا ڪيئن بڻجون؟

مفتي ابوصالح محمد قاسم عطاري

ماهنامه جمادي الاولٰي 1438

ارشادِ باري تعالٰي آهي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (۳۱)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي حبيب! اوهان فرمايو تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪيو ٿا تہ منهنجا فرمانبردار بڻجي وڃو الله توهان سان محبت ڪندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي.

(سيپارو: 3، سورة اٰلِ عمران: آيت 31)

**تفسير:** ڪجهہ ڪافر الله پاڪ سان محبت جي دعوا ڪندا هئا، انهن جي باري ۾ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمايو تہ اوهان انهن کي فرمايو: جيڪڏهن توهان الله پاڪ سان محبت ڪيو ٿا تہ منهنجي پيروي ڪيو ڇوتہ محبتِ الٰهي جي دعوا ۾ سچائي جي علامت اها ئي آهي، هن کان بغير توهان جي دعوا قابلِ قبول ناهي، جيڪڏهن توهان منهنجي پيروي ڪندؤ تہ توهان تي الله تعالٰي جي خاص عنايت هيءُ ٿيندي جو خود ربّ تعالٰي توهان کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو ۽ توهان جي لاءِ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ الله پاڪ جو شان هي آهي تہ هو بخشڻ وارو مهربان آهي.

هن مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون:

(1): هر شخص تي هي لازم آهي تہ هو حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اتباع ۽ پيروي ڪري. حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اسان يهودين جون ڪجهہ ڳالهيون ٻڌندا آهيون جيڪي



اسان کي پليون لڳنديون آهن ڇا اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اجازت ڏيو ته ڪجھ لکي به وٺندا ڪيون؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ڇا توهان يهودين ۽ عيسائين وانگر حيران آهيو! مان توهان وٽ روشن ۽ صاف شريعت کڻي آيو آهيان ۽ جيڪڏهن اڄ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام به زنده هجن ها ته انهن کي به منهنجي اتباع جي بغير ڪا راهه نه هجي ها.

(شعب الايمان،199/1،حديث: 176)

(2) رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پيروي ڪرڻ تي الله پاڪ جون به خاص عنايتون ٿينديون، هڪ هي ته الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو. ٻي هي ته الله پاڪ ان جا گناهه بخشي ڇڏيندو.

لهٰذا جيڪو محبوبِ الٰهي بڻجڻ ۽ گناهن جي مغفرت ڪرائڻ چاهي ٿو ان کي گهُرجي ته پنهنجي تمام قولن ۽ فعلن ۾ حضور پُر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪامل پيروي ڪري.

ترغيب جي لاءِ هتي صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي اتباع جا به بي مثال واقعا ٻڌندا:

(1) حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ ڀيري پاڻي گهرايو ۽ وضو ڪيو، پوءِ پاڻ مُرڪڻ لڳا ۽ ساٿين کي فرمايائون: هڪ ڀيري حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جڳهه جي ويجهو ئي وضو فرمايو ۽ فراغت کان بعد مرڪيا هئا (ته مون سندن ادا کي ادا ڪيو آهي)

(مسندامام احمد، 130/1، حديث:415)

(2) حضرت عبدُ الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا هڪ جڳهه تي پنهنجي ڏاچيءَ کي چڪر لڳرائي رهيا هئا. ماڻهن سندن کان ان جو سبب پڇيو ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو: ”مان (هن جي حڪمت) نه ٿو ڄاڻان، پر هن جڳهه تي تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ايئن ڪندي ڏٺو هو ان ڪري مان به ايئن ڪري رهيو آهيان.

الله پاڪ اسان کي به رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪامل اتباع ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين.



# دارُالافتاءاھلِ سنت

مفتي محمد هاشم خان عطاري مدني

### (01) ڇا قرباني ڪرڻ واري تي عيد جو روزو لازم آهي؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جنهن جي نالي قرباني هجي ان ڪي عيدالاضحيٰ جي ڏينهن روزو رکڻ ضروري آهي؟ ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته هن ڏينهن روزو رکيو وڃي جڏهن قرباني ٿي وڃي ته پهريان ان جي گوشت سان افطار ڪيو وڃي ڇا اهو درست آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

عيدالاضحيٰ ۽ ان کان بعد ٽن ڏينهن تائين روزو رکڻ ناجائز ۽ حرام آهي جو اهي الله تعالٰي جي طرفان مهمان نوازي جا ڏينهن آهن. البت جنهن شخص کي قرباني ڪرڻي آهي ان جي لاءِ مستحب آهي ته عيد جي ڏينهن قرباني کان پهريان ڪجهه نه کائي قرباني جي ئي گوشت مان پهريان کائي. پر اهو ڪو روزو ناهي نه ئي هن ۾ روزي جي نيت ڪرڻ جائز آهي. ۽ اهو عمل حديث پاڪ مان به ثابت آهي، انهيءَ عمل کي ڪجهه ماڻهو روزو رکڻ سمجهي وٺندا آهن، حالانڪ هن عمل کي روزو چوڻ يا واجب ۽ ضروري سمجهڻ ڪنهن به طرح درست ناهي ڇو ته روزو ته صبح صادق کان وٺي سج لهڻ تائين روزي جي نيت سان کائڻ، پيئڻ ۽ زوجيت واري عمل کان رکجي وڃڻ کي چوندا آهن.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

### (2) ۾ ماڻهو جماعت ڪيئن ڪرائن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جيڪڏهن نماز جي لاءِ ٻه ماڻهو هجن ۽ انهن مان هڪ مقتدي بڻجي وڃي ۽ هڪ امام ته ان صورت ۾ انهن جي نماز، جماعت سان ادا ڪرڻ جو طريقو ڇا آهي؟ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جي ها! جيڪڏهن نماز جي لاءِ ٻه ماڻهو هجن ۽ انهن مان هڪ مقتدي بڻجي وڃي ته ان صورت ۾ به انهن جي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ چورائيندي ۽ ان صورت ۾ مقتدي امام جي ساڄي پاسي بيهندو ڇوته جمعي ۽ عيدن جي علاوه ٻين نمازن جي جماعت جي لاءِ امام سان گڏ هڪ مقتدي جو هجڻ به ڪافي آهي جيتوڻيڪ اهو هڪ مقتدي سمجهه رکڻ وارو ٻار ئي ڇو نه هجي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِهٖ وسلَّم

## (03) ٻن عمرن جو هڪ ئي احرام ٻڌڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد مسجدِ عائشه کان ٻن عمرن جي نيت سان احرام ٻڌو. ٻه عمرن جي نيت ڪندي هن جو ارادو هي هو ته "هو انهيءَ نيت سان ٻه عمرا ڪندو، پهريون عمرو ڪرڻ کان بعد اهو حالتِ احرام ۾ ئي هوندو ۽ انهيءَ احرام سان ٻيو عمرو ڪندو، ٻئي عمري جي نيت جي لاءِ مسجدِ عائشه اچڻ جي حاجت نه هوندي" هن ذڪر ڪيل نيت ۽ ارادي سان زيد هڪ عمري جي لاءِ طواف ۽ سعي ڪري حلق ڪرايو ۽ پاڻ کي حالتِ احرام ۾ سمجهندي ان مسجد حرام کان ئي ٻئي عمري جي لاءِ تلبيه پڙهيو، ۽ طواف ۽ سعي ڪري حلق ڪرايو. زيد به عمرا ڪرڻ جي لاءِ جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي، ڇا اهو درست آهي؟ زيد تي ڪو دم وغيره ته لازم ناهي ٿيو؟ رهنمائي فرمايو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ زيد گڏ ٻه عمرا ڪرڻ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو آهي اهو شرعي طور درست ناهي، زيد گنهگار ٿيو ۽ ان تي هڪ عمري جي قضا ۽ هڪ دم لازم آهي جيڪو حرم جي حدود ۾ ئي ادا ڪرڻ ضروري آهي.

مسئلي جي تفصيل هيءَ آهي ته ٻن عمرن جو گڏ احرام ٻڌڻ ناجائز ۽ گناه آهي ان ڪري زيد گنهگار ٿيو ۽ ان تي ٻن عمرن جي ادائيگي لازم ٿي وئي ڇو ته ٻن عمرن يا متعدد عمرن جو گڏ احرام ٻڌڻ سان ايتري ئي تعداد ۾ عمرا لازم ٿي ويندا آهن. ۽ هڪ احرام ۾ ٻن عمرن جي نيت ڪئي هجي ته ٻنهي مان هڪ عمري جي نيت ٽوڙڻ لازم هوندو آهي، ان عمري جي نيت ٽوڙڻ جي سبب هڪ دم به لازم ٿيندو آهي. جيڪڏهن هڪ احرام ۾ ٻن عمرن جي نيت ڪرڻ وارو هڪ عمري جي نيت ختم نه ڪري ته پهريون عمرو شروع ڪندي ئي ٻئي جو احرام پاڻهي ئي ختم ٿي ويندو آهي.

انڪري پڇيل صورت ۾ جڏهن زيد گڏوگڏ ٻن عمرن جي نيت ڪرڻ کان بعد

انهن مان هڪ عمري جي نيت ختم ڪندي بغير ئي هڪ عمري جو طواف شروع ڪيو ته ٻئي عمري جو احرام پاڙهي ئي ختم ٿي ويو، ۽ هن عمري جي رفض جي سبب هن تي هڪ دم لازم ٿيو. پوءِ جڏهن ان پهرين عمري جي طواف ۽ سعي کان بعد حلق ڪرايو ته اهو احرام کان ٻاهر اچي ويو ۽ ان جيڪو احرام ٻڌندي هڪ ئي وقت ٻن عمرن جي نيت ڪئي هئي انهن مان هڪ عمرو ادا ٿي ويو هاڻي ان تي ٻئي عمري جي قضا باقي آهي ۽ هڪ عمري جي نيت ٽوڙڻ جي سبب هڪ دم به لازم آهي جيئن ته مٿي ان جي وضاحت گذري. پڻ زيد جو ٻيو عمرو ادا نه ٿيو جو ته جڏهن ان پهرين عمري جو حلق ڪرايو ته اهو احرام کان ٻاهر اچي ويو. ٻيو عمرو ڪرڻ جي لاءِ حدودِ حرم کان ٻاهر وڃي عمري جي نيت ڪري تلبيه پڙهڻ ضروري هو، جڏهن ته زيد نئين سري سان عمري جي نيت ڪندي بغير ئي مسجدِ احرام کان ئي تلبيه پڙهيو، ان ڪري اهو محرم ئي نه ٿيو جو ته بغير نيت جي رڳو تلبيه پڙهڻ سان محرم ناهي ٿيندو. ان ڪري زيد ٻئي عمري جي لاءِ جيڪو طواف ڪيو اهو نفل ٿي ويو ۽ سعي باطل ٿي وئي جو جو سعي بطور نفل مشروع ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## (04) حج جي قرباني ڪاٿي ڪرڻ ضروري آهي؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته جڏهن حاجي ڏهه ذوالحج تي حج جي قرباني جو جانور منيٰ جي مقام بدران مڪي پاڪ ۾ ذبح ڪري ته ڇا ان جي قرباني ادا ٿي ويندي يا ان کي ٻيهر قرباني جو جانور ذبح ڪرڻو پوندو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

حج جي قرباني کي حرم جي حدود ۾ ذبح ڪرڻ ضروري هوندو آهي ۽ مڪو پاڪ حرم جي حدود ۾ شامل آهي ان ڪري جيڪڏهن حاجي مڪي پاڪ ۾ حج جي قرباني جو جانور ذبح ڪندو ته حج جي قرباني ادا ٿي ويندي. پر ڏهه ذو الحج تي حج جي قرباني مڪي ۾ ذبح ڪرڻ خلافِ سنت آهي جو ته حج جي قرباني کي نحر جي ڏينهن ۾ منٰي ۾ ذبح ڪرڻ سنت آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم



# مدني مذاڪري

## جا سوال جواب

### (1) ميت جي موجودگي ۾ چلهو ٻارڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ميت جي موجودگي ۾ ڪاڌو ٺائڻ جي لاءِ گهر جو چلهو ٻارڻ جائز آهي؟

جواب: بلڪل ٻاري سگهو ٿا، ڪو حرج ناهي.

(فتاویٰ رضويہ، 9/90ماخوذاً- مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراويح، 26رمضان شريف 1441ھ)

### (2) سڙي ڪري مرڻ وارو شهيد آهي

سوال: ڇا سڙي ڪري مرڻ وارو شخص بہ شهيد آهي؟

جواب: جي ها! سڙي ڪري مرڻ وارو شخص بہ شهيد آهي.

(ابو داؤد، 3/252، حديث:3111-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عصر، 28رمضان شريف 1441ھ)

### (3) ڇا جنتين کي پگهر ايندو؟

جواب: سُبْحٰنَ الله! جنت ۾ جنتين کي جيڪو پگهر ايندو اهو اهڙو خوشبودار هوندو جو ان ۾ مشڪ جهڙي خوشبو هوندي.

(ص1165، حديث:7152-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عشا، 8 شوّال شريف 1441ھ)

### (4) حج اسڪيم ۾ نالو نہ نڪري تہ ڇا ڪيون؟

سوال: جيڪڏهن ڪنهن جو حج اسڪيم ۾ نالو نہ نڪتو تہ هاڻي اهو ڇا ڪري؟

جواب: جيڪڏهن ان تي حج فرض آهي تہ اهو اڳين سال جو انتظار نہ ڪري بلڪ هن ئي سال ٻين ذريعن(يعني ڪنهن”پرائيوٽ ڪاروان“ وغيره جي ذريعي) حج جي سعادت حاصل ڪري.

(مدنی مذاکرہ، 6رجب المرجب1440ھ)

### (5) پسند جي شادي ڪرڻ وارن کي والدين جو وراثت مان بي دخل ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪڏهن ڇوڪرو يا ڇوڪري پنهنجي والدين جي مرضي جي بغير شادي ڪري وٺن ٿا تہ انهن جا والدين انهن کي پنهنجي وراثت ۽ جائيداد وغيره کان بي دخل ڪري ڇڏيندا آهن، اهڙي صورت ۾ شريعت جو ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: ڇوڪري ۽ ڇوڪري کي ائين نه ڪرڻ گھرجي، انهن کي پنهنجي والدين جي رضامندي سان ئي نڪاح ڪرڻ گھرجي، فرض ڪيو ڪنهن ڇوڪري يا ڇوڪريءَ پنهنجي والدين جي رضامندي جي بغير نڪاح ڪري ورتو ته هُو پنهنجي والدين جي اولاد هجڻ کان نه نڪرندا، لهذا انهن کي وراثت جي حق کان محروم نه ڪيو ويندو، جيڪڏهن ڪو ائين ڪندو ته گنهگار ٿيندو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عشا، 8 شوّال شریف 1441ھ)

## (6) خوشيءَ ۾ الله اڪبر چوڻ

سوال: ڇا خوش ٿي ڪري الله اڪبر جو نعرو لڳائڻ صحابہ جي سنت آهي؟

جواب: جي ها! خوشيءَ ۾ الله اڪبر جو نعرو لڳائڻ صحابہ رضی اللہ عنہم جي سنت آهي. (مراٰۃ المناجیح، 7/275ملخصاً) ڪڏهن ته ماڻهو ڪنهن موقعي تي تعجب ڪندي به الله اڪبر چوندا آهن هن ۾ به ڪو حرج ناهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عشا، 15شوّال شریف 1441ھ)

## (7) موڪلن ۾ دير سان سمهڻ

سوال: ڇا ٻارن کي موڪلن جي ڏينهن ۾ دير سان سمهڻ گھرجي؟

جواب: اهو سڀ والدين جي طبيعت ۽ تربيت تي آهي، جيڪڏهن والدين رات دير تائين جاڳندا رهن ۽ ٻارن کي چون: ”سمهي رهو“ ته ٻار چوندا: ”جڏهن اوهان نٿا سمهو ته اسان ڇو سمهون؟“ ٻيو اهو ته جيڪڏهن والدين ٻارن کي جلدي سمهاري پاڻ جاڳندا رهندا ته ان جو هي نقصان ٿيندو ته وري ٻار ڏينهن جو جاڳندا ۽ والدين کي سمهڻ نه ڏيندا، تنهنڪري جيڪڏهن والدين جي سمهڻ جاڳڻ جو وقت هڪجهڙو هوندو ته گهڻي آساني ٿي ويندي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 24رمضان شریف 1441ھ)

## (8) ڇا ڪوڙي شخص جي سچي ڳالھ جو اعتبار نہ ڪرڻ بدگماني آهي؟

سوال: ڪو شخص اڪثر ڪوڙ ڳالهائيندو هجي ته ان جي سچي ڳالھ به ڪوڙ لڳندي آهي، ڇا ان کي بدگماني چيو ويندو؟

جواب: ڪثرت سان ڪوڙ ڳالهائڻ وارو شخص ڪڏهن سچي ڳالھ به ڪندو آهي، پر اها فطري شيءِ آهي ته اهڙي شخص جي سچي ڳالھ تي به يقين ناهي ايندو. بهرحال هن کي بدگماني نہ چيو ويندو.

(مدنی مذاکرہ، بعد نماز عصر، 20رمضان شریف 1441ھ)

## (9) نانگ يا ڪتي جي ڪاٽل جانور جي گوشت جو حڪم

سوال: جنهن جانور کي نانگ يا ڪتو ڪائي وجهي ان جانور کي وڪڻڻ يا ان جو گوشت وڪڻڻ ڪيئن؟ ڇا اهڙي جانور جو گوشت کائي سگهون ٿا؟

جواب: جيڪڏهن نانگ يا ڪتي جي ڪائڻ سان جانور ۾ زهر سرايت ڪري ويو ۽ اها ڳالھ ثابت ٿي وئي ته زهر نقصان ڪندو ته ان جانور جو گوشت نه پاڻ کائي سگهي ٿو

۽ نه وڪڻي سگهي ٿو بلڪ ان کي اڇلايو ويندو.

(مدنی مذاکره، 29شوّال شريف 1441ھ)

## (10) شادي پيءُ جي خاندان (Paternal) ۾ ڪئي وڃي يا ماءُ جي خاندان (Maternal) ۾؟

سوال: جن ماڻهن جون شاديون الڳ الڳ خاندانن ۾ ٿينديون آهن، جڏهن انهن جي اولاد ٿيندي آهي ته والد صاحب هيئن چوندو آهي ته پنهنجي ڌيءُ جي شادي پنهنجي خاندان ۾ ڪندس، ماءُ چوندي آهي ته مان پنهنجي نياڻيءَ جي شادي پنهنجي خاندان ۾ ڪندَس، ڌيءُ جيڪڏهن ماءُ جي خاندان کي ترجيح ڏئي شادي ڪري وٺي ته پيءُ ناراض ٿي ويندو آهي ته منهنجي ڌيءُ منهنجي ڳالهه نه مڃي، هاڻي اهڙي صورت ۾ ڌيءُ ۽ سندن والدين کي ڇا ڪرڻ گهرجي.؟

جواب: واقعي اهو وڏو نازڪ معاملو آهي، والد صاحب کي هن معاملي ۾ نظر ثاني ڪرڻ گهرجي ڇو ته ڌي جو لڳاءُ عام طور ماءُ جي طرف وڌيڪ هوندو آهي، جيڪڏهن ڌيءُ ماءُ جو فيصلو مڃي ورتو ته پيءُ جي ڳالهه جي ڪا اهميت نه رهندي ۽ هن طرح پيءُ کي صدمو ٿيندو، پوءِ ٿي سگهي ٿو ته پاڻ ۾ جهيڙو ٿئي، گناهن جا دروازا کلن، ان ڪري جيڪو به معاملو ڪيو خوب سوچي سمجهي ۽ حڪمتِ عملي سان ڪيو يعني والدين جيڪڏهن پاڻ ۾ هن حوالي سان مشورو ڪري وٺن ته سٺو آهي، پڻ شريعت جي اعتبار سان پنهنجي برادري ۾ شادي ڪرڻ ۾ حرج ناهي. ڌيءُ کي به گهرجي ته خوب صبر سان ڪم وٺي ۽ حڪمتِ عملي سان هن معاملي کي حل ڪري، جيڪڏهن اهڙي صورت هجي ۽ ٻنهي طرف ڌيءُ کي رشتو منظور هجي ته پوءِ پرچون وجهي ڪُڻا ڪيا وڃن ۽ پوءِ وري هن جي مطابق عمل ڪيو وڃي، مقصد اهو آهي ته لڙائي جهيڙي کان مڪمل بچو وڃي، ڇو ته لڙائي ٿيندي ته گهر تباهه ٿي سگهي ٿو.

(مدنی مذاکره، بعد نمازِ تراويح، 22رمضان شريف 1441ھ)

## (11) سج ۽ چنڊ گرهڻ جو حامله تي اثر ناهي پوندو

سوال: سج گرهڻ جي موقعي تي جيڪي عورتون حمل سان هونديون آهن جيڪڏهن اهي هن دوران ڪا شيءِ ڪٽين يا ڪو اهڙو ڪم ڪن ته ڇا ٻار تي ڪو اهڙو اثر پوندو آهي؟

جواب: سج ۽ چنڊ گرهن جو حامله عورت (يا ان) جي ٻار تي ڪو اثر ناهي پوندو. ماڻهن ۾ پنهنجي طرفان طرح طرح جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي اتفاق سان ڪجهه ٿي وڃي ته ان کي سج ۽ چنڊ گرهن سان منسوب نه ڪيو وڃي.

(مدنی مذاکره، بعد نمازِ عشا، 29شوّال شريف 1441ھ)

# احڪام تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## انشورنس (بيمہ) ڪرائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ لائف انشورنس يا جنرل انشورنس ڪرائڻ ڪيئن؟

جواب: انشورنس ڪرائڻ حرام ۽ گناهہ آهي توڙي جو لائف انشورنس هجي يا جنرل انشورنس.

لائف انشورنس وياج تي مشتمل آهي چو تہ هن ۾ جيڪا رقم جمع ڪرائي ويندي آهي اها انشورنس ڪمپني تي قرض هوندي آهي ۽ ڪمپني بعد ۾ وڌائي اها رقم واپس ڪندي آهي ۽ اهو وياجي اضافو آهي چو تہ قرض تي نفعي کي حديث پاڪ ۾ وياج قرار ڏنو ويو آهي ۽ وياج وٺڻ حرام ۽ سخت گناهہ آهي.

جنرل انشورنس جوا تي مشتمل آهي چوتہ هن ۾ پنهنجي رقم رسڪ تي لڳائي ويندي آهي تہ جيڪڏهن ڪو حادثو پيش آيو تہ نقصان ڪمپني پريندي ۽ ائين پنهنجي جمع ڪرايل رقم کان وڌيڪ رقم ملي ويندي ۽ جيڪڏهن ڪو نقصان نہ ٿيو تہ پنهنجي جمع ڪرايل رقم بہ واپس نہ ملندي. اها جوا آهي ۽ جوا قرآن ۽ حديث جي اعتبار سان قطعي حرام ۽ ڪبيره گناهہ آهي.

وياج جي حرمت بيان ڪندي الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ الله خريد و فروخت کي حلال ڪيو ۽ وياج کي حرام ڪيو. (پ3،البقرة:275)

حديث پاڪ ۾ آهي: "كُلُّ قَرْضٍ جَرَّ مَنْفِعَةً فَهُوَ رِبًا"
ترجمو: قرض جي ذريعي جيڪو نفعو حاصل ڪيو وڃي اهو وياج آهي.

(ڪنزالعمال، جزء6، 99/3، حديث:15512)

وياج جي باري ۾ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو:



يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ
وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ
لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ قسمت معلوم ڪرڻ جا تير ناپاڪ شيطاني ڪم ئي آهن سو انهن کان بچندا رهو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو.

(پ7، المآئدة:90)

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ وياج ۽ جوا جو حڪم بيان ڪندي لکن ٿا: ”ٻئي حرام ۽ سخت ڪبيره گناهه آهن.“

(فتاویٰ رضویہ، 23/595)

خلاصو هيءُ آهي ته انشورنس ڪرائڻ حرام ۽ گناهه آهي جيڪڏهن ڪنهن ڪرايو هجي ته ان تي لازم آهي ته هن معاملي کي ختم ڪري ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ توبهه به ڪري. پڻ انشورنس جي مد ۾ پاليسي هولڊر جيتري رقم جمع ڪرائي هجي رڳو اها ئي واپس وٺي سگهي ٿو ان تي نفعو وٺڻ حلال ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم

## ارجنٽ ڪم جي وڌيڪ اجرت وٺڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته مان درزي جو ڪم ڪندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن گراهڪ ايندو آهي ۽ چوندو آهي ته مون کي ارجنٽ سوٽ سبرائڻو آهي عام طور سلائي ٻارهن سؤ هلي رهي هوندي آهي سو مان جيڪڏهن ارجنٽ سوٽ سبڻ جا هن کان ٻه هزار سلائي طئي ڪيان ته ڇا وڌيڪ رقم وٺڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

جواب: فقهي اعتبار سان ڪم ڪرڻ واري جو حق آهي ته پنهنجي محنت تي معاهدو ڪندي وقت جيڪا چاهي اجرت طلب ڪري هن معاملي ۾ شريعت فريقين تي معاملو ڇڏيو آهي سواءِ ايجنٽ ۽ سودو طئي ڪرائڻ جي چو ته اتي اجرت مثل جي پابندي ضروري آهي. پڇيل صورت جي تناظر ۾ ڏنو وڃي ته اسان وٽ ڪيئي جڳهن تي ارجنٽ ڪم ڪرائڻ جا وڌيڪ پيسا وصول ڪيا ويندا آهن جيئن پاسپورٽ جيڪڏهن نارمل ٺهرايون ته فيس گهٽ هوندي آهي پر جيڪڏهن ارجنٽ ٺهرايون ته گهڻي فيس ورتي ويندي آهي اهڙي طرح ڌوبي کان جيڪڏهن ارجنٽ ڪپڙا ڌورايون ته اهو گهڻا پيسا وٺندو آهي سو اسان جي معاشري ۾ اها ڳالهه رائج آهي ته ارجنٽ ڪم جا وڌيڪ پيئسا ورتا ويندا آهن تنهنڪري جيڪڏهن اوهان به ارجنٽ سوٽ سبڻ جا هڪ معقول حد تائين وڌيڪ پيسا

گراهڪ کان طئي ڪيو تا تہ ان ۾ حرج ناهي. معقول جي قيد بہ هتي ان ڪري لڳائي وئي آهي تہ ماڻهن تي آساني سنو عمل آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## پنهنجي دڪان جي سامهون اسٽال لڳائڻ جو ڪرايو وٺڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ منهنجي دڪان جي سامهون روڊ آهي اتي هڪ شخص پنهنجي ڪيبن رکڻ چاهي ٿو ۽ هو ان جو مون کي هر مهيني ڪرايو بہ ڏيندو. ڇا اهو جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: اهو روڊ اوهان جي ملڪيت ناهي بلڪ عام گذرگاهہ آهي ۽ اهڙي جڳهہ تي ڪيبن وغيره لڳائڻ قانوني طور منع هوندو آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ تڪليف جو بہ باعث بڻجندو آهي تہ اتان ڪان گذرڻ وارن جي لاءِ جڳهہ سوڙهي ٿي ويندي آهي. تنهنڪري هن جي هرگز اجازت ناهي.

فرض ڪيو جيڪڏهن ڪا اهڙي صورت هجي جو قانوني طور منع نہ هجي، ماڻهن جي لاءِ تڪليف ۽ تنگي جو باعث بہ نہ هجي تڏهن بہ چوتہ اها جڳهہ اوهان جي ناهي تنهنڪري اوهان هن جڳهہ جو ڪرايو نہ وٺي نٿا سگهو البت هن صورت ۾ اهو ٿي سگهي ٿو تہ اوهان پنهنجي ڪا خالي ڪيبن اتي رکي ڇڏيو يا اسٽال تخت تي لڳٽو آهي تہ تخت رکي ڇڏيو ۽ هن ڪيبن يا تخت جو ڪرايو وٺو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## فليٽ يا دڪان تعمير ٿيڻ کان پهريان خريدڻ يا وڪڻڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ (1) فليٽ يا دڪان تعمير ٿيڻ کان پهريان خريدڻ يا وڪڻڻ ڪيئن چوتہ عام طور خريداري جي وقت ان جو وجود ناهي هوندو بلڪ بڪنگ پهريان ٿي ويندي آهي ۽ ان کان بعد بلڊنگ تيار ٿيندي آهي تہ ڇا تيار ٿيڻ کان پهريان هن بلڊنگ جا دڪان يا فليٽ وغيره خريدي سگهون ٿا؟ (2) جنهن فليٽ بڪ ڪرايو هو ڇا هو هن فليٽ جي قبضي ۾ اچڻ کان پهريان هن کي اڳتي وڪڻي سگهي ٿو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: عمومي حڪم تہ اهو ئي آهي تہ ڪنهن شيءِ کي وڪڻندي وقت ان جو موجود هئڻ ضروري آهي البت بہ صورتون اهڙيون بہ آهن جو جتي مال موجود هئڻ يا ملڪيت ۾ هئڻ ضروري ناهي هوندو. هڪ بيع سلم آهي ۽ ٻي صورت بيع استصناع جي آهي. بيع استصناع اها صورت آهي جنهن ۾ ڪا پراڊڪٽ آرڊر تي تيار ڪري ڏني ويندي آهي ۽ سودو ڪندي وقت اها

پراڊڪٽ موجود ناهي هوندي.

سوال ۾ جيڪا صورت بيان ڪئي وئي آهي اها بہ بيع استصناع جي صورت آهي انڪري هتي بہ فليٽن جو سودي جي وقت موجود هجڻ ضروري ناهي. تنهنڪري پڇيل صورت ۾ فليٽ ٺهڻ کان پهريان انهن جي بڪنگ ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جائز آهي.

(2) مجلس تحقيقاتِ شرعيہ جيڪا دعوت اسلامي جي شعبي دارالافتاء اهلسنت جي تحقيقاتي مجلس آهي ان هن ڳالھ جو فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪو شخص فليٽ بڪ ڪرائيندو آهي اهو قبضي کان پهريان پنهنجو حق ڇڏيندي هي فليٽ اڳتي وڪڻي سگهي ٿو ۽ ان جو نفعو بہ حلال هوندو.

هن موضُوع تي تفصيلي فيصلو دارالافتاء اهل سنت جي ويب سائٽ daruliftaahlesunnat.net تي موجود آهي اتان ملاحظ فرمايو.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# حاجين کي صدرالشريعه جون نصيحتون

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

مولانا حفيظ الرحمٰن عطاري

صدرُالشَّريعہ مفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عظيم مصنف، محقق، محدث، فقيھ ۽ مدرس ھئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امام اھلسنت مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا خاص تربيت يافتہ، خليفہ ۽ معتمد پڻ ھئا. سندن ڪارنامن مان ھڪ عظيم ڪارنامو بھارِشريعت آھي. سندن عرس مبارڪ 2 ذوالقعده تي ملھايو ويندو آھي.

ذوالقعده ۾ ڪيئي مسلمان حج بيت الله جي لاءِ روانا ٿيندا آھن. حاجين جي لاءِ صدرُالشَّريعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بھار شريعت ۾ 84 نصيحتون لکيون آھن جن مان 48 فتاويٰ رضويہ شريف مان ڪييون آھن. صدرُالشَّريعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنھنجي دور جي حساب اِھي نصيحتون ذڪر ڪيون آھن، ھتي موجوده دور جي رعايت ڪندي 22 منتخب نصيحتون پيش ڪجن ٿيون ھي نصيحتون حاجي کي روانگي کان وٺي واپس گھر پھچڻ تائين ڪم اينديون اِنْ شَآءَاللّٰه.

**روانگي کان پھريان جون نصيحتون**

(1) جنھن جو قرض ھجي يا امانت رکيل ھجي ادا ڪري، جن جو مال ناحق کاڌو ھجي واپس ڪري يا معاف ڪرائي، خبر نہ پئي تہ ايترو مال فقير کي ڏئي ڇڏي.

(2) جنھن جي اجازت کان بغير سفر ڪرڻ مڪروھ آھي جيئن ماءُ، پيءُ، مڙس انھن کي رضامند ڪري. فرض حج ڪنھن جي اجازت نہ ڏيڻ سان ڇڏي نٿو سگھي، اجازت وٺڻ ۾ ڪوشش ڪري نہ ملي تڏھن بہ ھليو وڃي.

(3) ھن سفر جو مقصد رڳو الله ۽



رسول (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) هجي، ڏيکاءُ ۽ فخر کان پري رهي.

(4) سفر جو ضروري سامان حلال مال مان وٺي نه ته حج قبول ٿيڻ جي اميد ناهي جيتوڻيڪ فرض ادا ٿي ويندو، جيڪڏهن پنهنجي مال ۾ ڪجهه شڪ شبهو هجي ته قرض وٺي حج تي وڃي ۽ اهو قرض پنهنجي مال مان ڏي.

(5) حاجت کان وڌيڪ سامان کڻي جو ساٿين جي مدد ۽ فقيرن تي صدقو ڪندو هلي، اها حج مبرور (يعني مقبول حج) جي نشاني آهي.

(6) ويندي وقت سڀني عزيزن دوستن سان ملي ۽ پنهنجا قصور معاف ڪرائي ۽ هاڻي انهن عزيزن دوستن تي لازم آهي ته دل سان معاف ڪن. حديث ۾ آهي: جنهن وٽ ان جو مسلمان ڀاءُ معذرت ڪئي اچي واجب آهي ته قبول ڪري، نه ته حوضِ ڪوثر تي اچڻ نه ڏنو ويندو.

(مستدرک، 5/213، حديث 7340، فتاویٰ رضويه، 10/726)

(7) وڃڻ وقت سڀني کان دعا ڪرائي ته برڪت ماڻيندو ڇوته ٻين جي دعا جي قبول ٿيڻ جي گهڻي اميد آهي ۽ اها خبر ناهي ته ڪنهن جي دعا مقبول ٿئي.

(8) انهن سڀني (گهروارن) جو دين، جان، مال، اولاد، تندرستي، عافيت رب جي حوالي ڪري.

(9) گهر مان نڪرڻ کان پهريان ۽ بعد ڪجهه صدقو ڪري.

(10) سفر جو ضروري سامان گڏ کڻي ۽ ڪنهن سمجهدار واقف سان مشورو به ڪري.

(11) خوش ٿيندي گهر کان نڪري ذڪراللّٰه جي ڪثرت ڪري ۽ هر وقت خوفِ خدا دل ۾ رکي، غضب کان بچي، ماڻهن جي ڳالهه برداشت ڪري، اطمينان ۽ وقار کي قائم رکي. بيڪار ڳالهين ۾ نه پوي.

## سفر ڪرڻ دوران نصيحتون

(12) ڳوناڻن ۽ سڀني عربين سان نرمي سان پيش اچي، جيڪڏهن اهي سختي ڪن ته ادب سان برداشت ڪري ان تي شفاعت نصيب ٿيڻ جو وعدو فرمايو ويو آهي.

(13) جيڪو شخص عربي نٿو ڄاڻي ان کي عرب جا سخت مزاج ڳوناڻان گاريون بلڪ برو ڀلو به چون ته درگذر ڪري ۽ دل تي توري به مير نه آڻي. ائين ئي مڪي جو عوام ڏاڍو سخت مزاج آهي انهن جي سختي تي نرمي ڪرڻ لازم آهي.

(14) حج قبول ٿيڻ جي لاءِ ٽي شرطون آهن: اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: حج ۾ نه عورتن جي سامهون همبستري جو تذڪرو ٿئي ۽ نه ڪو گناهه ٿئي ۽ نه ڪنهن سان جهڳڙو ٿئي.

سو انهن ڳالهين کان نهايت ئي دور رهڻ گهرجي، جڏهن غصو اچي يا جهڳڙو ٿئي يا ڪنهن معصيت (گناهه) جو خيال هجي يڪدم مٿو جهڪائي قلب (دل) ڏانهن متوجهه ٿي ڪري هن آيت جي تلاوت ڪري ۽ هڪ به چڪر لَاحول شريف پڙهي، اها ڳالهه ويندي رهندي.

(15) حج جي سفر ۾ پنهنجي ۽ پنهنجن مائٽن ۽ دوستن جي لاءِ دعا ڪرڻ نه وساري ڇو ته مسافر جي دعا قبول ٿيندي آهي.

(16) جڏهن ڪنهن مشڪل ۾ مدد جي ضرورت هجي ته ٽي ڀيرا چوي: يَاعِبَادَ اللهِ اَعِيْنُوْنِيْ (مجمع الزوائد، 10/188، حديث: 17103) اي الله جا نيڪ ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪيو. غيب مان مدد ٿيندي اهو حڪم حديث ۾ آهي.

(17) جيڪڏهن ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ته اهو چوي: يَاجَامِعَ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اِنَّ اللهَ لَايُخْلِفُ الْمِيْعَادَ اِجْمَعْ بَيْنِيْ وَبَيْنَ ضَالَّتِيْ (ترجمو: اي انسانن کي ان ڏينهن گڏ ڪرڻ وارا جنهن ۾ شڪ ناهي، بيشڪ الله واعدي جي خلاف ناهي ڪندو، منهنجي ۽ منهنجِي گم ٿيل شيءِ جي درميان جمع ڪري ڇڏ.) اِنْ شَآءَاللّٰه الڪريم ملي ويندي.

## حج جي سفر کان واپسي جون نصيحتون

(18) گهر اچڻ جي تاريخ ۽ وقت کان پهريان اطلاع ڏئي ڇڏي، بغير اطلاع جي هرگز نه وڃي خاص ڪري رات ۾.

(19) ماڻهن کي گهرجي ته حاجي جو استقبال ڪن ۽ ان جي گهر پهچڻ کان پهريان دعا ڪرائن جو حاجي جيستائين پنهنجي گهر ۾ قدم ناهي رکندو ان جي دعا قبول ٿيندي آهي.

(20) سڀ کان پهريان پنهنجي مسجد ۾ اچي ڪري ٻه رڪعتون نفل پڙهي.

(21) ٻه رڪعتون گهر ۾ اچي پڙهي پوءِ سڀني سان ڳلي ملي.

(22) رشتيدارن ۽ دوستن جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه تحفو ضرور آڻي ۽ حاجي جو تحفو حرمينِ شريفينِ جي تبرڪات کان وڌيڪ ڇا آهي ۽ ٻيو تحفو دعا جيڪا گهر پهچڻ کان پهريان استقبال ڪرڻ وارن ۽ سڀني مسلمانن جي لاءِ ڪري.

(بهارِ شريعت، 1/1051 تا 1067، فتاوىٰ رضويه، 10/726 تا 731)

# قرباني جا سماجي، معاشرتي ۽ معاشي فائدا

اويس يامين عطاري مدني

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هر سال مسلمان ذوالحِجة الحرام جي مبارڪ مهيني جي 10، 11، ۽ 12 تاريخ تي الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي عمل ڪندي قرباني جي عظيم عبادت ادا ڪندا آهن. اسلامي تعليمات تي عمل ڪندي قرباني ڪرڻ سان دين ۽ دنيا جا ڪوڙ فائدا حاصل ٿيندا آهن. ديني فائدن مان قربِ الٰهي ۽ آخرت ۾ ملڻ واري ثواب جو حصول آهي جڏهن ته دنياوي سماجي ۽ معاشرتي ۽ معاشي فائدا بيشمار آهن.

## قرباني جا سماجي ۽ معاشرتي فائدا:

هڪ چڱو معاشرو اهو ئي شمار ٿيندو آهي جتي رشتيدارن پاڙيسرين ۽ غريبن جو خيال رکيو وڃي ۽ انهن کي خوشين ۾ شريڪ ڪيو وڃي. الحمد لله قرباني جي موقعي تي دينِ اسلام جي روشن تعليمات تي عمل ڪرڻ وارا هڪ خوبصورت معاشري ۽ سماج جو منظر پيش ڪندا آهن.

**(1) صلهءِ رحمي:** دينِ اسلام اسان کي رشتيدارن سان سنو ورتاءُ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ قرباني جي ڏينهن ۾ رشتيدارن سان صلهءِ رحمي ڪرڻ جو جذبو وڌي ويندو آهي جو قريبي رشتيدارن کي قرباني جي موقعي تي گهر ۾ گهرايو ويندو آهي ۽ پري وارن رشتيدارن وٽ گوشت ڪٽي ڪري پهچايو ويندو آهي ۽ ائين جن رشتيدارن سان مهينن جا مهينا نٽا ملي سگهون هن بهاني انهن سان ملاقات ۽ صلهءِ رحمي جي صورت بڻجي ويندي آهي، صلهءِ رحمي جي باري ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جهن کي اهو پسند هجي ته ان جي عمر ۽ رزق ۾ اضافو ڪيو وڃي ته ان کي گهرجي ته پنهنجي والدين سان سنو ورتاءُ ڪري ۽ پنهنجي رشتيدارن سان صلهءِ رِحمي ڪندو ڪري. (1)

**(2) پاڙيسرين سان سنو ورتاءُ:** قرباني جي ذريعي پاڙيسرين سان به سنو ورتاءُ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي جو جڏهن پاڙيسرين



وٽ گوشت موڪليو ويندو آهي ته ان سان انهن جي دل خوش ٿيندي آهي ۽ ائين پاڙيسرين جو حق به ادا ٿي ويندو آهي، رسولِ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پاڙيسرين جي حق جي باري ۾ ارشاد فرمايو ته حضرت جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام مون کي پاڙيسري جي متعلق وصيت ڪندا رهيا ايستائين جو مون کي اهو گمان ٿيڻ لڳو ته ڪٿي پاڙيسري کي وارث نه بڻايو وڃي.(2)

**(3) غريبن جي مدد:** عام ڏينهن ۾ غريبن ۽ مسڪينن ۾ تمام گهٽ ئي گوشت تقسيم ڪيو ويندو آهي پر قرباني جي موقعي تي مسلمان غريبن ۽ مسڪينن ۾ گوشت تقسيم ڪري انهن جي مدد ڪئي ويندي آهي ۽ ائين جن وٽ ڪيئي ڪيئي مهينا بلڪ سڄو سال گوشت ناهي پچندو انهن وٽ به گوشت پچي ويندو آهي ۽ اهي به گوشت کائي وٺندا آهن، غريبن جي مدد ڪرڻ جي باري ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيستائين انسان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي الله پاڪ ان جي مدد فرمائيندو رهندو آهي. (3)

**(4) اخوت ۽ ڀائيچارگي:** قرباني جي موقعي تي جڏهن هڪ دوست ٻئي دوست ڏانهن گوشت ڪٽي ويندو آهي ته انهن ۾ اخوت ۽ ڀائيچارگي جي فضا قائم رهندي آهي. محبت ۾ اضافو ٿيندو آهي ۽ تعلقات خوشگوار رهندا آهن، حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بهترين دوست جي باري ۾ ارشاد فرمايو ته الله پاڪ جي ويجهو بهترين دوست اهو آهي جيڪو پنهنجي دوست جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ بهتر هجي.(4)

## قرباني جا معاشي فائدا:

جهڙي طرح قرباني جا سماجي ۽ معاشرتي فائدا آهن اهڙي طرح قرباني جا معاشي فائدا به آهن. هن موقعي تي لکين ماڻهن کي مختلف صورتن ۾ معاشي فائدا حاصل ٿيندا آهن ۽ روزگار ملندو آهي. ويب سائٽ arabnews.pk جي رپورٽ جي مطابق 2021ء ۾ رڳو پاڪستان ۾ 90 لک جانورن جي قرباني ڪئي وئي جنهن جي قيمت اڍائي ملين ڊالر يعني ست کرب، ست ارب، 79 ڪروڙ، ست لک 50 هزار روپيا بڻجي ٿي. اهڙي طرح سرڪاري ويب سائٽ نيشنل لائبريري آف ميڊيسن www.ncbi.nlm.nih.gov جي 2019ء جي رپورٽ جي مطابق حج جي موقعي تي رڳو حاجين جي قرباني جي لاءِ 3 ملين يعني 30 لک جانور جمع ڪيا ويا، اهي جانور سوڊان، صوماليه ۽ جيبوتي کان درآمد ڪيا ويا جڏهن ته انهن کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ مختلف ملڪن کان 15 هزار قصائي به گهرايا ويا.

قرباني جو اهو تعداد اندازو لڳائڻ جي لاءِ ڪافي آهي ته هن سان ڪيتري دنيا کي معاشي فائدا ملن ٿا، هيٺ ڏنل متوسط ۽ غريب طبقي کي ملڻ وارا چند فائدا ملاحظ ڪيو:

۞ فارمنگ، ۽ روزگار: قرباني جي لاءِ

ڪيئي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ جانور پاليندا آهن جڏهن تہ مال رکڻ وارو وڏي پيماني تي واڙن يا ڪيٽل فارمز ۾ جانور پاليندا آهن، سڄو سال جانورن جي سار سنڀار جي لاءِ ملازم رکندا آهن جنهن سان ڪيترن ئي غريب بي روزگارن کي روزگار ملي ويندو آهي.

**هاري ۽ روزگار:** هاري جانورن جي لاءِ بوهه ۽ گاهه وغيره جي لاءِ ٻني ٻارو ڪندا آهن ۽ انهن شين کي دڪاندار تائين پهچائڻ جي لاءِ ڪيئي ماڻهن کي روزگار جو موقعو ملي ويندو آهي.

**ٽرانسپورٽرز ۽ روزگار:** عام ڏينهن جي مقابلي ۾ قرباني جي موقعي تي ٽرانسپورٽرز حضرات جي ڪم ۾ بہ ڪافي ڪشادگي ٿي ويندي آهي جو جانور، گاهہ ۽ ٻيو ضرورت جو سامان وغيره آڻڻ ۽ ڪٽي وڃڻ جي لاءِ ننڍين وڏين گاڏين ۽ رڪشن وغيره کي ڪرائي تي بڪ ڪيو ويندو آهي جنهن سان گاڏي جي مالڪن ۽ ڊرائيورن کي مالي فائدو حاصل ٿيندو آهي.

**لوهار ۽ روزگار:** قرباني جي موقعي تي ڪات، ڇري چاقو وغيره جي خريدو فروخت ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ۽ ائين انهن کي تيز ڪرڻ وارن جي ڪمن ۾ بہ تيزي اچي ويندي آهي جنهن جي سبب نہ رڳو معمول جا لوهار بلڪ ڪيئي عام بي روزگار افراد بہ فائدو ڪٽندا آهن ۽ ننڍن علائقن ۾ ڇريون وغيره تيز ڪرڻ جي سروس ڏيندا ۽ روزي ڪمائيندا آهن.

**سجاوٽ وغيره جو سامان ۽ روزگار:** قرباني جي موقعي تي ماڻهو مختلف مقامن تي ننڍا ننڍا اسٽال لڳائي ڪري جانورن جي سجاوٽ جو سامان ۽ قرباني جي موقعي تي ڪم اچڻ وارو ٻيو سامان وڪڻندا آهن ۽ ائين انهن جي بہ روزگار جي صورت ٺهجي ويندي آهي.

**قصائي ۽ روزگار:** قرباني جي ڏينهن ۾ قصائي طبقي جي روزگار ۾ بہ اضافو ٿي ويندو آهي ۽ انهن کان علاوه عام ماڻهو بہ جيڪي قرباني ڪرڻ ڄاڻيندا آهن اهي بہ عيد جي ڏينهن ۾ اجرت تي قرباني جا جانور ذبح ڪري وٺندا آهن ۽ ائين انهن کي بہ روزگار ملي ويندو آهي.

**چمڙي جون فيڪٽريون ۽ روزگار:**
قرباني جي جانورن جي کلن مان چمڙي جي ڏنڌي ۾ بہ ڪافي اضافو ٿيندو آهي، چمڙي جي فيڪٽرين جو گهڻو ڪم قرباني جي کلن سان هلندو آهي، ٽريڊڊيولپمنٽ اٿارٽي آف پاڪستان جي ويب سائيٽ (www.tdap.gov.pk) جي مطابق جولاءِ 2021، 22 ۾ پاڪستان 707. 953 ملين ڊالر يعني 2 ڪرب 70 ارب 99 لک 97 هزار 124 روپين جي چمڙي جي مصنوعات (Leather Products) برآمد ڪئي.

الله رب العزت جي طرفان هي قرباني جو حڪم ڪيئي حڪمتن سان ڀريل آهي. ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ قرباني جو جانور ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ قرباني جو جانور جڏهن پيدا ٿيندو آهي تہ ان سان گڏ ڪيئي ماڻهن جو روزگار وابستہ ٿي ويندو آهي. الله پاڪ اسان کي خوش دلي سان قرباني ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# تاريخِ دمشق

مولانا محمد آصف اقبال عطاري مدني

**دمشق وارا۽ تبرڪات جي تعظيم:** دمشق اسلام سان محبت ڪرڻ وارن ۽ عاشقانِ رسول جو مرڪز رهيو آهي. نسبتن جو احترام سندن دلين ۾ تمام وڏيڪ آهي. جيئن تہ ابن جبير پنهنجي سفر نامي ۾ تحرير ڪن ٿا: جامع مسجد جي محراب ۾ هڪ وڏي الماڙي آهي جنهن ۾ اهو مصحف شريف(قرآن پاڪ جو نسخو) آهي. جيڪو مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ملڪِ شام جي طرف موڪليو هو، اها الماڙي روزانو نمازن کان بعد کولي ويندي آهي ۽ ماڻهو ان کي هٿ لائي ۽ چمي ڪري برڪتون حاصل ڪندا آهن جتي ماڻهن جو تمام وڏو تعداد جمع ٿي ويندو آهي.[1]

پڻ اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جهڙي طرح سلطان اشرف عادل شهرِ دمشق جي مدرسي اشرفيہ ۾ خاص درسِ حديث جي لاءِ هڪ مڪان "دار الحديث" جي نالي سان ٺاهيو ۽ هن لاءِ ڪثير جائيداد وقف فرمائي ۽ ان جي قبلي جي طرف مسجد ٺهائي ۽ مسجد جي محراب جي اولهہ طرف هڪ مڪان نعلِ مقدس حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ (يعني نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ جوتيءَ) لاءِ تعمير ڪيو ۽ ان جي دروازي تي سون جو پاٽي چڙهايو سو دروازو ائين لڳندو هو ڄڻ تہ سون سا جڙيل آهي ۽ نعلِ پاڪ کي آبنوس جي صندوق ۾ باادب رکي قيمتي پردن سان سينگاريو، اهو دروازو هر سومر ۽ جمعرات تي کوليو ويندو آهي ۽ ماڻهو زيارت ڪري فيض ماڻيندا آهن.[2]

**دمشق جا محدث، عالمَ ۽ فقيهہ:** دمشق شهر دنياءِ اسلام کي وڏا وڏا محدث، مفسر، محقق، مصنف، عالمَ سگهورا ۽ فقيهہ ڏنا آهن جن دين اسلام جي زبردست خدمت ڪئي، اعلٰي معيار جا مدرسا ٺهرايا، علمي مرڪزن جو بنياد رکيو ۽ عظيم و بي مثال ڪتاب لکيا. ڪجهہ شخصيات جا نالا هتي لکيا وڃن ٿا.

حضرت سيّدنا مڪحول دمشقي تابعي، امام ابوالقاسم ابن عساڪر، حافظ

الحديث ابوزرعہ ثقفي، امام يحيٰي بن شرف الدّين نَوَوِي، عارف بالله امام عبدالغني نابلسي، امام شمسُ الدين محمد بن احمد ذهبي، شيخ محمود بن رشيد عطار دمشقي(پاڻ اعلٰي حضرت جي عالمي شهرت ماٽيندڙ ڪتاب ”الدّولة المَكّيه“ تي تقريظ بہ لکي) امام علاؤالدين حصڪفي، امام ابنِ عابدين شامي، جهڙا جيد عالمَ ۽ محدث سڳورا دمشق سان ئي تعلق رکن ٿا. رَحِمَهُمُ الله

**دمشق جا مشهور مزارات:** ڪنهن شهر ۾ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي مزارات جي ڪثرت بہ ان شهر کي ٻين شهرن کان ممتاز ڪندي آهي، يقينًا جتي نيڪ ٻانها آرام فرمائي رهيا هجن اتي الله پاڪ جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي. دمشق جو شهر هن تعلق سان بہ پنهنجو مثال پاڻ آهي، جيئن تہ حضرت امير معاويہ[3] مؤذنِ رسول حضرت بلال بن رباح [4] حضرت سيدنا ابوالدرداء[5] حضرت واثلہ بن اسقع[6] حضرت سيّدنا سهل بن عمرو بن عدي انصاري[7] شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي[8] عظيم محدث حضرت امام ابنِ عساڪر[9] سلطان نورالدين زنگي[10] سلطان صلاح الدين ايوبي[11] عارف بالله شيخ عبدالغني نابلوسي[12] ۽ خاتم الفقهاء علامہ ابنِ عابدين شامي قادري[13] رَضِيَ اللهُ عَنْهُم و رَحِمَهُمُ الله جهڙيون عظيم هستيون هن شهر ۾ آرام فرما آهن.

(1)رحلۃ ابن جبیر، ص217

(1)فتاویٰ رضویہ،352/22

(1)الثقات لابن حبان،436/1

(1)الاستیعاب،258/1

(1)طبقات ابن سعد،276/7

(1)طبقات ابن سعد،286/7

(1)طبقات ابن سعد،281/7

(1)اردو دائرہ معارف اسلامیہ،605/1،مرآۃ الاسرار،ص624

(1)سیر اعلام النبلاء،571/20

(1)وفیات الاعیان،4/412

(1)فتوحات اسلامیہ،1/504-سیر اعلام النبلاء،288/21،287

(1)اصلاحِ اعمال مترجم،56/1تا70

(1)جد الممتار علی رد المحتار،196/1تا205

# جنت واجب ڪرڻ واريون نيڪيون

محمدنواز عطاري مدني

اي عاشقانِ رسول! مبارڪ حديثن ۾ ڪيئي اهڙا اعمال ارشاد فرمايا ويا آهن جن جي سبب جنت واجب ٿيڻ جي خوشخبري ڏني وئي آهي! اچو! اهڙن ڪجھ عملن جي باري ۾ مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا 8 فرمانَ پڙهون ٿا:

## چڱي طرح وضو ڪرڻ ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهڻ

(1) جيڪو مسلمان وضو ڪري ۽ چڱي طرح وضو ڪري پوءِ اٿي بيهي ۽ باطن ۽ ظاهر کان متوجه ٿي ڪري ٻہ رڪعتون نماز پڙهي ان جي لاءِ جنت واجب ٿيندي آهي.[1]

## سورهءِ اخلاص پڙهڻ

(2) حضرت سَيِدُنا ابُو هرَيرَه رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا تہ مان رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هئس تہ پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن شخص کي (قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌۚ) (يعني سورهءِ اخلاص پڙهندي ٻڌو تہ پاڪ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: واجب ٿي وئي. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڪهڙي شيءِ واجب ٿي وئي؟ فرمايائون: جنت[2]

## سورهءِ حشر جي آخري آيتن جي تلاوت ڪرڻ

(3) جنهن شخص رات يا ڏينهن ۾ سورهءِ حشر جون آخري (ٽي) آيتون پڙهيون ۽ انهيءَ رات يا ڏينهن ۾ ان جو انتقال ٿي ويو تہ ان جنت کي واجب ڪري ورتو.[3]

## يتيم جي ڪفالت

(4) جنهن ڪنهن اهڙي يتيم جي کارائڻ ۽ پيارڻ جي اعتبار سان ڪفالت ڪئي جو جنهن جا والدين مسلمان هئا ايستائين جو اهو يتيم ان شخص کان مستغني(بي پرواهہ ٿي ويو) تہ ان شخص جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.[4]



## هڪ ڏينهن ۾ 5 اعمال

(5) جنهن جمعو ادا ڪيو ۽ ان ڏينهن جو روزو رکيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي ۾ حاضر ٿيو ۽ نڪاح ۾ شرڪت ڪئي ته ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.[5] جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ هن طرح آهي:

(6) جنهن جمعي جي ڏينهن روزي جي حالت ۾ صبح ڪيو ۽ مريض جي عيادت ڪئي ۽ جنازي ۾ حاضر ٿيو ۽ صدقو ڪيو ته ان(پنهنجي لاءِ جنت) واجب ڪري ورتي.[6]

## جنت واجب ڪرڻ وارا ٽي اعمال

(7) حضرت سيّدنا مِقدام بن شُرَيح رضی اللہ عنہ جي ڏاڏي حضرت هاني رضی اللہ عنہ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ڪا اهڙي شيءِ ٻڌايو جيڪا منهنجي لاءِ جنت کي واجب ڪري ڇڏي؟ ارشاد فرمايائين: ڪاڌو کارائڻ، سلام کي عام ڪرڻ ۽ چڱي گفتگو ڪرڻ جنت کي واجب ڪرڻ وارا اعمال آهن.[7]

## انڌي شخص کي 40 قدم هلائڻ

(8) جيڪو شخص ڪنهن انڌي کي 40 قدم هلائي ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.[8]

(1) مسلم، ص118، حدیث:553- بہار شریعت، 285/1

(2) الموطأ لامام مالک، 198/1، حدیث:495

(3) شعب الایمان، 492/2، حدیث:2501

(4) مسند احمد، 27/7، حدیث:19047

(5) معجم کبیر، 97/8، حدیث:7484

(6) شعب الایمان، 393/3تا394، حدیث:3864

(7) مجمع الزوائد، 9/5، حدیث:7872

(8) مسند ابی یعلٰی، 106/5، حدیث:5587۔



# ڪدّو شريف

مولانا حامد سراج عطاري مدني

الله جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديده کاڌن مان هڪ ”ڪدو شريف“ به آهي. عربي ۾ هن کي ”دُبّاء“ يا ”قَرْعٌ“ جڏهن ته اردو ۽ سنڌي ۾ هن کي ڪدوءَ جي نالي سان پڪاريندا آهن. هن ۾ باهمي تقسيم هيئن آهي ته گول ۽ مٺي ڪدو کي ڪاسي ڦل چيو ويندو آهي، جڏهن ته ان جي ڊگهي واري قسم کي لوڪي ۽ ڪدو چيو ويندو آهي.[1] ڪدّو جو قرآن ڪريم ۾ به ذڪر ملي ٿو. جيئن الله پاڪ جي پياري نبي حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جنهن جڳهه مڇي جي پيٽ مان ٻاهر نڪري آيا اتي ڪا ڇانوَ نه هئي، پوءِ مڇيءَ جي پيٽ ۾ رهڻ جي سبب پاڻ ايترا ته ڪمزور، سنهڙا ۽ نازڪ ٿي ويا هئا جيئن ٻار پيدائش جي وقت هوندو آهي.[2] الله پاڪ انهن تي ڇانوَ ڪرڻ ۽ انهن کي مکين کان محفوظ رکڻ جي لاءِ ڪدّو جو وڻ پيدا ڪيو. هونءَ ته ڪدّو جي ول ٿيندي آهي جيڪا زمين تي ڦهلجندي آهي پر اهو حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جو معجزو هو جو اتي اهو ئي ڪدّو قد واري وڻ جيان ٿاريون رکندو هو ۽ ان جي وڏن پنن جي ڇانوَ ۾ پاڻ آرام ڪندا هئا.[3] انهيءَ واقعي جي طرف اشارو ڪندي قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَاَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ (١٤٦)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان ان تي ڪدّوءَ جو وڻ اڳايو

يقطين اهڙو ٻوٽو آهي جنهن جو ٿڙ ناهي هوندو، زمين تي پکڙجندو ۽ وڌندو آهي. جمهور مفسرن جي ويجهو اهو ڪدّو جو ٻوٽو هو، هن جو فائدو اهو آهي ته ان وٽ مکيون جمع ناهن ٿينديون ۽ هي تمام ٻوٽن کان جلدي ڄمندو آهي ۽ تمام جلدي ٻوٽو ٻڻجي ڦهلجي ويندو آهي.[4]

## ڪدو جي متعلق مبارڪ حديثون

ڪيئي حديثن ۾ ڪدّو جو ذڪر ملي ٿو. ڪجهه حديثون پيش ڪجن ٿيون.

(1) حضرت سيّدنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا ته هڪ درزي حضور اڪرم

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي ڪاڌي تي گهرايو. مان بہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ويس، جَوَن جي ماني ۽ ٻوڙ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي سامهون آندو ويو جنهن ۾ ڪدّو ۽ خشڪ ڪيل نمڪين گوشت هو، ڪاڌي جي دوران ۾ مون حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ پيالي جي ڪنارن ۾ ڪدّو جا ٽڪرا ڳولهي رهيا آهن، تنهنڪري مان ان ڏينهن کان ڪدو پسند ڪرڻ لڳس.[5]

(2) حڪيم بن جابر پنهنجي والد گرامي جابر بن عبدالله سان روايت ڪن ٿا تہ مان نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، سندن وٽ ڪدو رکيل هو، مون عرض ڪيو: هيءَ ڪهڙي شيءِ آهي؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ هي ڪدو آهي ۽ اسان هن کي گهڻو کائيندا آهيون.[6]

(3) هڪ ڀيري ڪنهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم اوهان ڪدو شريف گهڻو پسند فرمائيندا آهيو، رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هائو اهو منهنجي ڀاءُ حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جو وڻ آهي.[7]

## واقعاءِ صحابہ ۽ بزرگانِ دين جا اقوال

(1) حضرت ثابت رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪڏهن ڪدو شريف موجود هجي ها تہ منهنجي ڪاڌي ۾ اهو ضرور شامل هجي ها.[8]

(2) حضرت ابو طالوت رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه وٽ حاضر ٿيس، هُو ڪدو تناول فرمائي رهيا هئا ۽ فرمائي رهيا هئا: تنهنجو ڪهڙو تہ شان آهي: تون مون کي ڪيتري قدر محبوب آهين ۽ اها محبت رڳو ان ڪري آهي جو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم توکي پسند ڪندا هئا.[9]

(3) حضرت فقيہ ابو ليث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪدو شريف کائڻ سان حافظو مضبوط ٿيندو آهي.[10]

هي جلدي هضم ٿيڻ واري غذائن مان آهي گڏوگڏ ٻين غذائن کي جلدي هضم ڪرڻ ۾ مددگار بہ آهي. هن کي ڪيئي طريقن سان پچايو ۽ استعمال ڪيو ويندو آهي، هن جي ترڪاري، حلوو ۽ مربّو تمام مقبول ۽ لذتدار آهن. هي چستي ڏيندڙ هڪ بهترين سبزي بہ آهي.

## ڪدو جا طبي فائدہ

قدرت تقريبًا سڀني سبزين ۽ ميون ۾ انساني جسم جي ضروريات ۽ علاج جا انمول خزانا لڪائي رکيا آهن. ڪدّو بہ انهن ئي سبزين مان آهي جيڪي صحت مند اجزاء سان ڀريل آهن. طبي ماهرن هن جا ڪيئي فائدا بيان ڪيا آهن، ڪجهہ فائدا ملاحظہ ڪيو: ۞ ڪدّو ۾ موجود قدرتي وٽامن سي، سوڊيم، پوٽاشيم ۽ فولاد نہ رڳو طاقت بخش ثابت ٿيندا آهن، بلڪ ان جو روزانو استعمال پيٽ جي مختلف مرضن جي خلاف اثر

ڪندڙ حفاظت بہ فراهم ڪندو آهي. ۞ ڪدو ۾ موجود اجزا جي تاثير قدرتي طور ٿڌي ٿيندي آهي جيڪا گرمي جو اثر گهٽ ڪرڻ سان گڏوگڏ ٿڪاوت جو احساس بہ گهٽائي ڇڏيندي آهي ۞ ڪدو کائڻ سان خوب بک لڳندي آهي ۽ ڪمزوري پري ٿيندي آهي ۞ قبض جي مريضن جي لاءِ ڪدو نهايت فائديمند آهي ۞ ڪدو جگر جي درد کي دور ڪرڻ ۾ نهايت مفيد آهي ۞ پيشاب جي مرض، معدي جي مرضن ۾ ۽ يرقان جي مرض ۾ تمام گهڻو فائدو ڏيندو آهي ۞ هن جي ٻج جو تيل مٿي جي سور ۽ مٿي جي وارن جي لاءِ نهايت مفيد آهي ۽ ننڊ آڻيندو آهي[11] ۞ هلڪي باهہ تي پچايل ڪدو جي ٻوٽي ۾ فولاد، ڪيلشم، پوٽاشيم، وٽامن اي، وٽامن بي، ۽ معدني ۽ روغني نمڪيات ڪثرت سان پاتا ويندا آهن ۞ ڪدو معدي جي تيزابيت ۽ جلن ۾ گهڻو فائديمند آهي ۞ گرم طبيعت ۽ محنت ۽ مشقت ڪرڻ واري فرد جي لاءِ ڪدو ۽ ڇٽي جي دال جو پڪوان طاقت وارو آهي ۞ ڪدّو هر قسم جي دماغي ورم (سوڄ) کي پري ڪري ٿو ۞ ڪدو جو مغز وچونءَ جي ڏنگ تي ليپڻ ۽ ان جو رس مريض کي پيارڻ سان زهر جو اثر زائل ٿي ويندو آهي ۞ ڪدو جو مغز سنهڙو پيهي ڪري پيشاني تي ليپڻ سان مٿي جو سور ويندو رهندو آهي ۞ ڪدو جو پاڻي پيئڻ پيشاب جي بندش ۽ جلن ۾ فائديمند آهي.[12]

(1) خزائن الادویہ، 3/295، 300

(2) روح البیان، الصّٰفّٰت، تحت الآیۃ:145، 7/488

(3) روح البیان، الصّٰفّٰت، تحت الایۃ:146، 7/489

(4) تفسیر مظہری، الصّٰفّٰت، تحت الآیۃ:146 و تفسیر مدارک التنزیل، الصّٰفّٰت، تحت الآیۃ:146

(5) بخاری، 2/17، حدیث:2092

(6) ابن ماجہ، 4/28، حدیث:3304

(7) بیضاوی، الصّٰفّٰت، تحت الآیۃ:146، 5/27

(8) مسلم، ص870، حدیث:5326 ملخصاً

(9) ترمذی، 3/336، حدیث:1856

(10) بستان العارفین، ص91

(11) صراط الجنان، 8/351

(12) فیضانِ طب نبوی، ص260، پھولوں، پھلوں اور سبزیوں سے علاج، ص383۔

# وظائف

## روزي ۾ برڪت جو بهترين نسخو



هڪ شخص حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي غربت ۽ تنگدستي جي شڪايت ڪئي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جڏهن اوهان پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيو ته سلام ڪيو جيتوڻيڪ ڪير به هجي، پوءِ مون تي سلام موڪليو ۽ هڪ ڀيرو ”قل هوالله“ شريف پڙهو. ان شخص ائين ئي ڪيو ته الله پاڪ ان کي ايترو ته مالدار ڪري ڇڏيو جو اهو پنهنجي پاڙيسرين ۽ رشتيدارن ۾ به تقسيم ڪرڻ لڳو.

(القول البديع، ص273، غريب فائدے ميں ہے، ص20)

### پٽاٽي اولاد جو روحاني علاج

زال مڙس ٻئي روزانو 101 ڀيرا سورةُ الْكَوْثَرپڙهو. اِنْ شَآءَاللّٰه جلد ئي پٽ جا پيءُ ماءُ بڻجي ويندؤ.

(زنده بيٹی کنويں ميں پھينک دی، ص26)

### بي عمل جو روحاني علاج

بي عمل شخص جڏهن ستل هجي ان وقت تقريبًا ٽي فٽ (يعني لڳ ڀڳ هڪ ميٽر) جي فاصلي تان ڪو نمازي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ هڪ ڀيرو سورت اخلاص ٿورو وڏي آواز سان پڙهي پر ايترو احتياط ضروري آهي ته ان جي اک نه کلي پوي. اِنْ شَآءَاللّٰه ستل شخص باعمل بڻجي ويندو. بي عمل عورت جي لاءِ به اهو عمل ڪري سگهجي ٿو.

(زنده بيٹی کنويں ميں پھينک دی، ص26)

### ڪينسر جو روحاني علاج

اول آخر يارهن ڀيرا درودِ ابراهيم ۽ وچ ۾ سورت مريم پڙهي ڪري پاڻي تي دم ڪيو، ضرورت طور ٻيو پاڻي ملائيندا رهو، مريض اهو ئي پاڻي سڄو ڏينهن پئي، اهو عمل چاليهه ڏينهن تائين مسلسل ڪندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه شفا ملندي.

نوٽ: ٻيو به پڙهي ڪري دم ڪري مريض کي پياري سگهي ٿو.



بنتِ اعظم علی عطاری
(معلّمہ جامعۃُ المدینہ گرلز گوجرانوالہ)

# مسجد جي امام جا حق

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: توهان مان چڱا ماڻهو آذان چون ۽ قاري امامت ڪن.

(ابوداؤد، 1/242، حدیث:590)

اسلام جي بهترين خدمت ۽ حلال رزق جو بهترين ذريعو امامت به آهي. ۽ شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي فرمان موجب امام علائقي جو بي تاج بادشاھ هوندو آهي. بهرحال مسجد جو امام جتي پنهنجا فرض انجام ڏيڻ ۾ وس آهر ڪوشش ڪندو آهي ۽ دين جي سربلندي ۾ اڳيان اڳيان هوندو آهي ته ان جا حق ادا ڪرڻ ۾ اسان کي ڪوتاهي نه ڪرڻ گهرجي. هيٺ مسجد جي امام جا ڏھ حق بيان ڪيا پيا وڃن، پڙهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو:

**(1) منصب جو خيال رکو** ڳالھ ٻول ۽ معاملن ۾ ٻين ماڻهن جيان مسجد جي امام سان به منصب جي مطابق ادب ۽ عزت و احترام سان پيش اچو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِذَا اَتَاكُم كَرِيۡمُ قَوۡمٍ فَاَكۡرِمُوۡه يعني جڏهن توهان وٽ ڪنهن قوم جو معزز شخص اچي ته ان جي تعظيم ڪيو.

(ابن ماجہ، 4/208، حدیث:3712)

**(2) ملنساري جو مظاهرو ڪيو:** ٻين مسلمانن سان گڏوگڏ مسجد جو امام به هن ڳالھ جو مستحق هوندو آهي ته ان سان ملنساري اختيار ڪئي وڃي. تنهنڪري نمازين ۽ ٻين علائقي وارن کي گهرجي ته مسجد جي امام سان خوش اخلاقي ۽ ملنساري سان پيش اچن.

**(3) غلطي تي درگذر ڪيو** مسجد جو امام به ٻين انسانن وانگر هڪ انسان آهي، اهو انسان پهريان آهي امام بعد ۾. جيڪڏهن ان کان به ڪا غلطي تي وڃي ته ان کان درگذر ڪيو ۽ عظيم ثواب جا حقدار بڻجو.

**(4) قدر ڪيو** انسان ٻين کي پنهنجي قدر ۽ قيمت جو احساس جاڻائڻ چاهي ٿو. ۽ جيڪو ان جي قدر ڪندو آهي ته اهو به ان

ڪي اهميت ڏيندو آهي، تنهنڪري مسلمان طور ۾ انسان طور امام جي قدر ڪيو ۽ ان جي دعائن جا حصيدار بڻجو.

(5) **غمخواري ڪيو**: اسلام پريشان حال ڪي صبر جي تعليم ارشاد فرمائي آهي ۽ ٻين مسلمانن ڪي حسنِ اخلاق ۽ رواداري جو درس ڏيندي ان جي غمخواري جي بہ تلقين فرمائي آهي. تنهنڪري مسجد جو امام بہ ٻين انسانن وانگر انسان آهي بلڪ ٿي سگهي ٿو ٻين ڪيئي انسانن کان بهتر هجي، تہ ان سان بہ غمخوري ڪري ثواب ڪمايو.

(6) **مهمان نوازي ڪيو**: مهمان نوازي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت مبارڪ آهي تنهنڪري مسجد جي امام جي وقت بہ وقت مهمان نوازي فرمائي ڪري ثوابِ دارين حاصل ڪرڻ جو موقعو بہ هٿ مان وڃڻ نہ ڏيو.

(7) **عيادت ڪيو**: الله نہ ڪري مسجد جي امام سان ڪو حادثو پيش اچي تہ مسلمان جي حق جو خيال رکندي ان جي بہ عيادت ڪري ثواب ڪمايو.

(8) **سلام ۾ اڳرائي ڪيو**: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ وڌيڪ مقبول ۽ تڪبر کان پري هوندو آهي تنهنڪري مسجد جي امام سان بہ ملاقات جي وقت سلام ۾ اڳرائي ڪيو.

(9) **حاجات ۽ ضرورياتِ زندگي جي فراهمي**: جيڪڏهن مسجد جو امام قرض جو طلبگار هجي تہ سٺي انداز ۾ ان جي ادائيگي ڪئي وڃي ۽ قرض جي مطالبي ۾ سختي نہ ڪئي وڃي. ۽ وقت بہ وقت مسجد جي امام جي ضروريات ڪي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ڇو تہ اڪثر امام سفيد پوش ۽ خود دار هوندا آهن.

(10) **ماهوار آمدني جو خيال رکيو وڃي**: مسجد جي بناوت ۽ سينگار سان گڏوگڏ مسجد جي امام جي ماهوار آمدني ۾ بہ اضافي جي ڪا صورت ڪئي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن لفافي يا هٿ ۾ پنهنجي حيثيت جي مطابق مالي مدد بہ ڪئي وڃي. الله پاڪ اسان ڪي تمام مسلمانن خاص ڪري مسجد جي امام جا حق ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# ڪمپرومائز

محمد جاويد عطاري

ڪجھ عرصو پھريان ”ماھنامہ فيضانِ مدينہ“ ۾ ھڪ حڪايت پڙھي ھئي تہ ھڪ سيٺ پنھنجي ذاتي ڪار ۾ سفر تي ھيو. اوچتو ان ڏنو تہ ھڪ ٽرڪ ان جي گاڏي جي بلڪل سامھون اچي چڪي ھئي، گاڏي جو ٽڪر ٿيڻ ئي وارو ھيو پر سيٺ پنھنجي ڊرائيور کي گاڏي ڪچي ۾ لاھڻ جو حڪم ڏنو جنھن تي ڊرائيور يڪدم عمل ڪيو، لمحي پر جي تاخير انھن کي موت جي منھن ۾ پھچائي ڇڏي ھا، جڏھن سيٺ ڊرائيور کان وضاحت گھري تہ اھو نادان چوڻ لڳو تہ اسان پنھنجي سائيڊ تي ھئاسين. قصور ان ٽرڪ واري جو ھو، ان کي اصولي طور تي مون پھريان گاڏي ڪچي ۾ نہ لاٿي، ھاڻي سيٺ صاحب ان کي سمجھايو تہ جيڪڏھن مان لچڪ نہ ڏيکاريان ھا (ڪمپرومائز نہ ڪيان ھا) تہ تون پنھنجو اصول بيان ڪرڻ جي لاءِ زندہ نہ ھجين ھا.

معزز قارئين! اھو ئي ڪمپرومائز جيڪڏھن دنيا کان وابستہ مختلف شعبن جا افراد ڪن تہ اسان جو معاشرو ھڪ سٺو ۽ مثالي معاشرو بڻجي سگھي ٿو ۽ اسان جي زندگي سڪون واري ٿي سگھي ٿي. اھو ڪمپرومائز مختلف طرح جي ماڻھن جي لاءِ ڪھڙي طرح فائديمند ٿي سگھي ٿو ڪجھ جي نشاندھي ڪئي پئي وڃي اوھان بہ پڙھو:

(1) ھڪٻئي جي ڳالھ چڱي نہ لڳڻ تي زال مڙس ڪمپرومائز ڪن تہ ٻنھي جو گھر ۽ زندگي برباد ٿيڻ کان بچي سگھي ٿي ۽ ٻنھي جي زندگي چين ۽ سڪون واري گذري سگھي ٿي.

(2) جيڪڏھن سيٺ ۽ نوڪر ڪمپرومائز ڪن تہ ٻئي خوش رھي سگھن ٿا مثال طور نوڪر کان جيڪڏھن ٿوري ليٽ ٿي وڃي يا ڪڏھن سيٺ جي مرضي جي مطابق ڪم نہ ڪري سگھي تہ سيٺ ڪمپرومائز ڪري ۽ ٿورن ڏڙڪن سان ڪم ھلائي جيڪڏھن



سيٺ صاحب ڪنهن غلطي تي نوڪر کي ڇڙٻيو يا ڪا مزاج جي خلاف ڳالهه ڪئي ته نوڪر ڪمپرومائز ڪري، اهڙي طرح ٻئي فائدي ۾ رهندا جو ائين سيٺ جو ڪاروبار وڌندو رهندو ۽ نوڪر جو گهر هلندو رهندو.

(3) اهو ئي ڪمپرومائز جيڪڏهن پاڻ ۾ پائرن ۽ پينرن ۾ هجي جيئن هڪٻئي جي ڳالهه مڃڻ ۽ مزاج جي خلاف ڪجهه ٿيڻ تي برداشت ۽ درگذر جو معاملو ڪندا رهن ته گهريلو زندگي خوشحال ٿي سگهي ٿي.

(4) جيڪڏهن والدين جي ڪا ڳالهه ان وقت سمجهه ۾ نه اچڻ تي اولاد ڪمپرومائز ڪري ته اولاد جي لاءِ سعادت مندي ۽ والدين جي خوشي جو سبب ٿيندو. اهڙي طرح اولاد جيڪڏهن ڪا ڳالهه نه مڃي ته والدين ڇڙٻڻ جي بدران ان جو ڪو ٻيو حل ڪڍن ۽ ڪمپرومائز وارو معاملو رکن.

(5) چوندا آهن "دوست زندگي هوندا آهن" پر جيڪو ڪمپرومائز ناهي ڪندو يعني ڳالهه ڳالهه تي لڙائي، جهڳڙو ڪندو ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي ناراض ٿي ويندو آهي ان جا دوست ته گهٽ يا نه هجڻ جي برابر هوندا آهن.

(6) مسافر هڪٻئي سان تعاون ڪري ڪمپرومائز ڪن ته سفر سنو ٿي سگهي ٿو. مثال طور بيمار يا پوڙهي افراد کي ممڪنه صورت ۾ سيٽ پيش ڪري يا جنهن کي اسان جي تعاون جي حاجت هجي ته ان سان تعاون ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

(7) مسجد انتظاميه، امام، مؤذن، خادم ۽ نمازي پاڻ ۾ (جيستائين شريعت اجازت ڏي) ڪمپرومائز ڪن ته مسجد جو انتظام سنو ٿي سگهي ٿو. يعني جيڪڏهن امام، مؤذن ڪڏهن ليٽ ٿي وڃن ته، خادم صفائي وغيره ۾ ڪڏهن ڪوتاهي ڪري ته انتظاميه ۽ نمازي ڪمپرومائز ڪن.

(8) ٽريفڪ جام ٿيڻ جو هڪ عام سبب به شايد ڪمپرومائز نه ڪرڻ آهي جو ڪنهن هڪ جي گاڏي ان جي جلد بازي جي سبب وچ ٽريفڪ ۾ ائين رڪندي آهي جو سمورا ان جي سبب پريشان ٿي ويندا آهن. اهڙي صورت ۾ سمورا ڪمپرومائز ڪن (ٿورو رڪي وڃو ته جيڪا گاڏي وچ ۾ ڪنهن سبب رڪيل آهي اها نڪري وڃي) ته ٿي سگهي ٿو ان پريشاني سان سيني کي نجات ملي وڃي.

(9) جيڪڏهن ڊاڪٽر مريض سان ۽ ڪجهه صورتن ۾ مريض ڊاڪٽرن سان ڪمپرومائز وارو معاملو رکن تڏهن به ڪجهه پريشانيون گهٽ بلڪ ختم ٿي سگهن ٿيون. هن طرح جو مريض جي طرفان ان جي مرضي جي متعلق ڪيل سوالن جا جواب سٺي انداز ۾ ڏئي ڪري

ڊاڪٽر ان کي مطمئن ڪري ۽ سوالن کان بيزار نہ ٿي. ڊاڪٽر صاحب بغير ڪنهن سبب جي فقط پنهنجو فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ مهانگيون دوائون ۽ ميڊيڪل ٽيسٽ وغيره نہ لکي.

(10) ٻار ماءُ جي محبتن ۽ شفقت جي ڇانوَ ۾ پرورش ماڻيندو آهي جيڪڏهن ماءُ پنهنجي ٻار جي بار بار روئڻ ۽ ضد ڪرڻ تي ڪمپرومائز نہ ڪري تہ شايد ٻار جي درست تربيت نہ ٿي سگهي.

(11) هڪ دڪاندار جيڪڏهن پنهنجي گراهڪ جي تيز جملن تي ڪمپرومائز ڪري خوش اخلاقي سان برداشت نہ ڪري تہ شايد ان جي دڪان جلد ئي ويراني جو سبب بڻجي وڃي.

قارئينِ ڪرام! جيڪڏهن ڪمپرومائز جي مفهوم کي سمجهو وڃي تہ خبر پوندي تہ هي دراصل برداشت، معاف ۽ درگذر ڪرڻ ئي آهي. ان جو درس اسان کي قرآن ۾ واضح ملي ٿو، اسان جو مهربان رب فرمائي ٿو:

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اي حبيب! معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ.

(پ9، الاعراف: 199)

هڪ ٻئي آيت ۾ الله جي نيڪ ٻانهن جي اوصاف ۾ درگذر ڪرڻ بہ بيان ٿيو آهي:

وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ﴿۶۳﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جڏهن جاهل انهن سان ڳالهائيندا آهن تہ چوندا آهن ”بس سلام“

(پ19، الفرقان:63)

۽ مسندِ احمد ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان موجود آهي:

صِلْ مَنْ قَطَعَكَ وَاَعْطِ مَنْ حَرَمَكَ وَاعْفُ عَمَّنْ ظَلَمَكَ يعني جيڪو توهان سان رشتو ٽوڙي توهان ان سان جوڙيو، جيڪو توهان کي محروم ڪري ان کي عطا ڪيو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري توهان ان کي معاف ڪيو.

(مسند احمد، 654/28، حديث:17452)

اوهان بہ ڪمپرومائز ڪيو ۽ خوشحال زندگي گذاريو.

## قرباني ءَ بابت چار فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ قرباني ڪرڻ واري کي قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي.(ترمذي ج 3 ص 162 حديث 1498) ﴿2﴾ جنهن خوش دلي سان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪئي تہ اها جهنّم جي باھ کان حِجاب (يعني روڪ) ٿي ويندي.(العجم الكبير ج 3 ص 84 حديث 2736) ﴿3﴾ اي فاطمہ! پنهنجي قرباني وٽ موجود رهو، ڇوتہ ڏهن ان جي رت جو پهريون قطرو ڪِرندو تہ توهان جا سڀ گناھ معاف ڪيا ويندا.(السنن الكبريٰ للبيهقي ج 9 ص 476 حديث 19161) ﴿4﴾ جنهن شخص کي قرباني ڪرڻ جي گنجائش هجي پوءِ بہ اهو قرباني نہ ڪري تہ اهو اسان جي عيد گاھ جي ويجهو نہ اچي. (ابن ماجه ج 3 ص 529 حديث 3123)